سنڌي ساهت سڀا

ڇپرو نمبر ٢.

# سنڌيءَ ۾ ڇا ڏو پڙهايو وڃي!

قيمت هڪ ٽڪو

جيٺمل پرسرام

# پس اکر

٩ ڊسمبر ١٩٤٠ تي حيدرآباد ۾ سنڌي ساهت سڀا کولي وئي آهي، جنهن جا متا هيٺيان آهن :-

(١) سنڌي ٻولي ۽ ساهت (ادب) جي ترقي.

(٢) لپي ۽ سڀاويڪ سنڌيءَ کي قائم رکڻ.

(٣) سنڌي سڀيتا (تهذيب) جي کوجنا.

سڀا جا ڪيترا ميمبر ڏينهون ڏينهن ٿي رهيا آهن، ۽ ٻيا سڄي سنڌ ۾ اهڙيون سڀائون کوليون ويون آهن. اِهيءَ سڀا جي سهاري هيٺ هيءُ ٻيو پترو سڀا جي پريزيڊنٽ صاحب جو لکيل پترو ٿو ڇپجي.

7133
24-9-73

١٤ جنوري ١٩٤١ — موتيلعل لڇمڻ ڀٽائي
سيڪريٽري

مکيه عملدار ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب آهي.

سال ١٩٣٨ ۾ سنڌ ۾ عملدار مقرر ٿيو، ۽ ”ابهاس سنڌي“ ٢٧ آڪٽومبر ١٩٣٩ ۾ لکي پورو ڪري ڇپايائين. انهي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جيڪا بولي ڪم آندي آهي، ۽ جيڪو من پڌرو ڪيو آهي، سي سندس مراد جو پورو پورو نقش ۽ ڪامل شاهدي آهن، ۽ ڏيکارين ٿا ته ڊاڪٽر صاحب ڪهڙي رنا سنڌ جي بوليءَ ۽ ساهت لاءِ رکي آهي.

اچو هت ٻيهر سندس لکيت هن چونڊيءَ ۾ ڏيان ٿو، پڙهندڙ پاڻ انصاف ڪن:-

ٻيهر شروعات ۾ صفحه ”و“ تي ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب ڄاڻائي ٿو:

”ڪي سنڌي ڄاڄاڻون، جي ٿياسفيءَ (حڪمت الاهي) جا قائل آهن، جنکي اسلامي تصوف جي ڪا به خبر ڪانهي، ۽ انجي رازن کان بلڪل نا آشنا آهن، سي مسلم شاعرن جو ڪلام سمجهائيندي، پنهنجا من گهڙت تاويل ڏيندا آهن. انهن کي ڀريائين اسلامي تصوف جو ابهاس ڪرڻ گهرجي ۽ تهان پوءِ مسلم شاعرن جي تعبير جي دعويٰ ڪرڻ جڳائي. مسلم صوفي شاعرن جي ڪلام جي روحاني رمزن سمجهائڻ جو حق انهن مسلمان محققن کي آهي جن تصوف جي ميدان ۾ رياضتون ڪيون، ۽ ڪمالا

ڪيا. ٻن راهن ڏنائون پنهنجو آواز ڦٽائي رب جي
ياد گهري ڪئي، ٻن دنيا ۽ ماسوا کي ترڪ ڪري
پنهنجو من واحد جي وقف ڪيو، جن دورنگي ۽
دلي مٺي هيڪڙائي جي وات ورتي، ۽ جي مطلب
نه هرطرح اهڙن ٿياسفيءَ جي قائلن کان ٻهوءَ اتر
هوا. اهي ٻاهت لي ٻٽر ٻڌي تسا ڪيندا هئا، ته
معرفت جو نور سندن اندر ۾ آهرو ڪري. انهن جي
برعڪس هالوڪا صوفي سٽيا سلوٽا طعام کائي پنهنجو
ٻن ٻرين تا، ۽ اگرچ اندر ۾ ڪارو ڪانءُ آهو ٻولن
ته ٻه ٻاهران ٻوليهنج جي آئن. اهڙا صوفي جيڪڏهن
تصوف جي ادعا ڪن ته اها تهمت ڪوڙي آهي:
انهن جا فعل سندن قولن کي ڪوڙو پيد
تا ڏين. صوفي سالڪ سي ويا جي اڪثرسين اديار.”

ڊاڪٽر پوني جي هيءَ لکڻي آهي! ڪٿي
دائود پوٽو صاحب، صوفين ۽ ٿياسافسٽن کي لوڻي،
ڪٿي (ڪارو ڪانءُ) ۽ ٻين ٻرينڊز سڏي ”تهمت
ڪوڙي“ تهمت تو هڻي، تنهنجو ايترو مونکي ڏک نه
آهي، جيترو صفا ڏيکارڻ، ته هندو جي ٻاهر صوفي
ڪلام ٿا چون، يا هندو جي ڪالمن ۾ تسا ڪتاب
پاڙهين لکي اٿوي جو ڪو حق نه آهي، اهو حق فقط
”مسلم“ مصنفن کي آهي! مونکي هن ڪان اڳي معلوم
هو ته ڊاڪٽر صاحب جي ويچار ٻتالڻ [illegible] هندو

کي ٻنهي صوفي سڏائڻ جو حق ئي ناهي؛ ٻر هن ڪتاب مان پڌرو آهي، ته هو ڪنهن به هندو کي پڙهائڻ جو حقدار به نٿو سمجهي! ڊاڪٽر گربخشاڻي جنهن کي هو پنهنجو ”محترم استاد“ سڏي پيو آهي، تنهن کي شاه جو رسالو سمجهائڻ جو به ڪو حق نه هو! اڄ ڪاليجن جي سيني ڪلاسن ۾ سنڌي تي پڙهائي وڃي جتي مثلاً منهنجي ڪلاس ۾ ۴۳ شاگردن مان ۴۱ هندو آهن. صفا سندس چوڻ آهي، ته صرف ”مسلمان“ ئي اهي ڪتاب لکن، ۽ اهي ئي پڙهائين؟

اڄ الهي تي اهڙو زور ڏيڻ نٿو گهران، جيترو هن تي ته مٿين ڏنل ٽڪر مان ثابت آهي ته ڊاڪٽر صاحب جي من ۾ ”مسلمان“ معنيٰ ڇا آهي؟ هنجي ويچار ۾ مسلمان معنيٰ آهي: جو هندو نه آهي.

بيان العارفين ڪتاب جو بي. اي ۾ تو پڙهائجي؛ تنهن ۾ به هيئن لکيائين:-

”حقيقت ڪهڙو به جاهل مسلمان هوندو نه به الهيءَ ۾ اسلام جي ٻرڪت ڪري آدميت ۽ اخلاق ضرور هوندا.“

”مسلمان“ لفظ سندس معنيٰ ۾ آهي اهو جو هندو نه آهي خاص ڪري هندو ذرم ڏاهن منهنجو اشارو ڪرڻ جي مراد هي آهي:

سنڌي جي سهڻي ماهر ۽ جي ڳالهه ۾ اسلام ۽ مسلمان
لفظ مٿين ڏسڻ ۾ نه آيل آهن. ولو مقال :-
سا ڳالهه اڻايل سنڌي ۾ مولوي محمد زمان صاحب جي
مضمون جو هيٺيون ٽڪرو ڏنو آهي :-

## ”هو ڏانهن اڳي ماڻهو اسلام ڇو“

هاڻ اسلام جي معنيٰ جي آهي، ڊاڪٽر دائود پوٽي
واري ڳالهه ته هندو جو مسلمان ٿي سگھي ٿو؟ ۽ انسان
جا ساٿين ان ڳالهه تي ساٿين ان ڳالهه ڏسي ٿا
ڀاڄوڙ تي اعتراض ڪي ويو آهي، ۽ چوڻ ٿا سان ؟
و ٻڌڻ ۾ آهي جو هيٺ آهي. سا مٿين ڳالهه جي معنيٰ
سمجھا آهي: سا ڳالهه ٻڌڻ ساٿين هو ڏانهن اڳي اسلام ڪٿي
ڇو؟ اسين چئون ٿا، ساڳي جو ڳالهه ته ”اسلام“ آهي
موقعو ڪان اڳي. انسان هندن ويو موقعو ڪين ڪمال
چون، اڳي ”هو ڏانهن اڳي“ معنيٰ اڪمال.

پوءِ اسلام ۽ مڃڻ سا ڳالهه مشهور اڪمال يا سمجھاڻ آهي.
قرآن شريف ۾ آيل آهي ته اسلام ڪٿي ڪان نه
اڳي هئو، سو هر ڪو انسان اسلام ۾ تو پيدا ٿئي،
ته اسلام آهي فطرت يا قدرت؛ ڪسو ته برابر ڪئين
آهي ته اسين سڀ قدرت جو ويا آهيون.

مٿين معنيٰ هندو چوڪرن ۽ ٻيا چوڪرين کي انسان
هميشه ٻڌڻ آهي. هاڻ انصاف ڪرڻ گهرجي ته
اول مڃڻ ڊاڪٽر دائود جي صاحب ۾ ڪي هيڪي
معلوم ٿيو، ته اسلام يا مسلمان لفظن گهڻو سان هندن

جي ڳالهه ڪئي تي وڃي ته. اول هندو ٻوڪر،
ٻوڪو بون، اسانجي معمول بڌن ٻيو ٿا؟
ڪتاب اندر ''سنڌي ٻيٽ'' پاڙهڻ تي پاڙهجي،
لڳهنڪان اڳ ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب پنهنجي مهاڳ
۾ لي هندن جون ڏلهون ڦيرايو وڃي.

ٻيس لکيا خواج محمد زمان صاحب، ته ڊاڪٽر دائود پوٽو ڳالهه تو لکي شيخ عبدالرحيم ڳڙهري جي. جو؟ جي هن صاحب ٻيٽ جي ٽيڪا عربي ۾ ڪئي هئي! خواج محمد زمان صاحب جي ته شعر ۾ يا معاني ۾ اهڙي ڳالهه آئي، جا ڪنهنکي رنجائي، ۽ هندو ٻوڪون ۽ ٻوڪرن جي اڳيان ته هميون ٽڪرو تو لکيو وڃي:

"شيخ عبدالرحيم کي جهاد اصغر جو هميشه شوق رهندو هو، ۽ شهادت جي تمنا هوندي هيس. جتي ڪٿي بدعت ڏسندو هو، اتي اُنجي پاڙ پٽيندو هو. گهوڙ ڪان ٽيه ڪوه پري خيرپور رياست ۾ هڪ مهاڏيو جي مڙهي هئي، جتي هر قسم جون ٻڇڙايون ٿينديون هيون. سندس آرزو هوندي هئي ته الهيءَ بتخاني کي ٻيچ ئي نابود ڪريان. هڪ دفعي لوارئ ڏي وات ويندي، ڪن دوستن کان خبر پيس ته ٻتخانو اڳي کان به اسر تي ويو آهي. هڪ درويش کي لوارئ روانو ڪري اُنجي هٿان خواج گل محمد ڏي هيلهون ٿيارو ڏياري موڪليائين:-

جنهن ڪري نوڀايا ڪوڙ مان، ٻين کي ڪڙهاڙو
ماڻس سڙاڙو، پڙهس ٻالو ڪهڙو ڪري."

"بدعت" معنيٰ آهي، نواڻ، يا ڦيهٽالي، ۽ ٻيو ڪجهه، اهو لفظ به ڪو شيخ عبدالرحيم جي لکيل مان سکيو هو نوڙي، پر اها سموري ٻولي "بدعت، ڦهلائي، ڀڄايون،" واري سنڌس آهي. آخر ۾ ڏنل ابيات شيخ عبدالرحيم جو نوڙي جنهن جي معنيٰ آهي ڪن نوڀائيندڙ جوڳي، اهي آهن، جن جي ماڻن جي شاد ۾ جو ستاواڙو ٿيو ۽ ٻيءِ هوڻن ڪوڙ!

عام ريت هندو جوڳين کي ساڌن طرح نوڙ دار ڪيو وڃي.

منهنجو خاص مسلمان ڀائرن کي عرض آهي ته سمجهو ته ڪو هندو نو هڙي قسم جو درسي ڪتاب لکي جو مسلمانن کي لازمي طور پڙهڻو آهي ته ڀانءِ جوان ته سندن دلين کي جيڪر ڪيترو گهاءُ لڳي؟ ٻيو ڪهڙو ته الله جيڪر ملڪ ۾ ڪجهه وڃي؟ منهنجو خاص چوڻ آهي ته ٻالا شاگردن ۾ اول اٺ "ستر هجر ۽ محمد" وڌا ٿي مڃيان، ته پوءِ ڪتاب ۾ جڏهن "اسلام" ۽ "مسلمان" لفظ ڪم آندا ويا ته هو ڪيئن پڙهندا؟ مثلاً ٻيئي جي صفحي ۳ ۽ شرح ۾ هنئون سٽ ڏنل آهي:

"نه مرو مگر مسلمان ٿي"

ڪڏهن سياڻپ نه آهي ته پوءِ ڪهڙو به هندو شاگرد ڪتاب کي هٿ به نه لائيندو!

7133
24-9-73



مون ته شاگردن کي ڇو ”“ پڇا هئي ته مسلما
جي معني آهي اهو جو ”موت کان اڳي مئو،“ م
خيال بلڪل اوچو آهي، ۽ ٻيا شارح ٿو چوي ته اسل
معنيٰ آهي ” مڃڻ ۽ هيڻائين ڪرڻ“. پر جڏهن ڊاڪ
دائود پوٽي صاحب هنڪي اُنهون معنائون مهاڳ
۾ ٿي ڏيئي ڇڏيون، ۽ دکدائڪ بيان ڪري هنجون
دليون رنجائي ڇڏيون، پوءِ اول اسانجون معنائون
شاگرد ٻڌن ڇو ٿا؟

مونکي دل جي درد منجهان ٿو لکڻو پوي ته
هن قسم جا ڪتاب، سنڌ جي بزرگن، مسلمان توڙي
هندو شاعرن، صوفين، سادن، جيڪا ڪمائي ڪئي،
۽ جيڪا سنڌڙيءَ جي خدمت ڪئي، تنهنکي ڪٽ
ڪري ڇڏڻ وارا آهن!

منهنجو پنهنجن مسلمان ڀائرن کي هي عرض آهي
ته دوستو ڪجهه ويچاريو، ههڙا ڪتاب سنڌي ٻولي
ساهت (ادب) ۽ سڀيتا (تهذيب) کي نابود
ڪندڙ آهن.

سو ته هيءَ ڪارروائي، اهو صاحب ڪري جو تعليم
کاتي جو ته اڳوان آهي، ۽ درسي ڪتابن ۾ ڪري، ٻيا
ڳالهه ته رکو هندو مسلم سازيءَ کي ۽ حڪومت جي
اصولن کي نابود ڪرڻ واري آهي.

Printed by Pitamberdas Sahijram
at Bhaibund (Electric) Printing Press Shahi Bazar, Hyd: Sind
and Published by Mr. Jethmal Pararam President,
Sindhi Sahitya Sabha, Hyderabad Sind.

1153
24-9-73


مون ڏ شاگردن کي چيو "ٻپا هتي ڀ مسلما
جي معني آهي اهو جو "موت کان اڳي مئو" هو
خيال بلڪل اوچو آهي، ۽ ٻيا شارح ٿو چوي ڏ اسلا
معنيٰ آهي "مڙڻ ۽ هيڻائين ڪرڻ". ٻر جڏهن ڊاڪٽر
دائود پوٽي صاحب هنڪي اُنهيون معنائون مهاڳ
۾ لکي ڏيئي ڇڏيون، ۽ دڪدائڪ بيان ڪري هنجون
دليون رنجائي ڇڏيون، پوءِ اول اسانجون معنائون
شاگرد ٻڌن چو ٿا؟

مونکي دل جي درد منجهان ٿو لکڻو پوي ڏ
هن قسم جا ڪتاب، سنڌ جي بزرگن، مسلمان توڙي
هندو شاعرن، صوفين، سادن، جيڪا ڪمائي ڪئي،
۽ جيڪا سنڌڙيءَ جي خدمت ڪئي، تنهنکي ڪٽ
ڪري ڇڏڻ وارا آهن!

منهنجو پنهنجن مسلمان ڀائرن کي هي عرض آهي
ڏ دوستو ڪجهه ويچاريو، ههڙا ڪتاب سنڌي ٻولي
ساهت (ادب) ۽ سڀيتا (تهذيب) کي نابود
ڪندڙ آهن.

سو ڀ هيءَ ڪارروائي، اهو صاحب ڪري جو تعليم
کاتي جو ڀ اڳوان آهي، ۽ درسي ڪتابن ۾ ڪري، ٻنا
ڳالهه ڏ رڳو هندو مسلم سازيءَ کي ٻر حڪومت جي
اصولن کي نابود ڪرڻ واري آهي.

---

Printed by Pitamberdas Sahijram
at Bhaibund (Electric) Printing Press Shahi Bazar, Hyd: Sind
and Published by Mr. Jethmal Parsram President,
Sindhi Sahitya Sabha, Hyderabad Sind.